(گل - ٣٧)

## چاوڙيءَ جو سمارو هه



باباڄن ٻال برهمچاري هئا ۽ پرشن کي پائون جيان ۽ اِستوپن کي پيرُ سمان ڏسندا هئا. سندن سنگت ۾ اسان کي گيان جي پراپتي ٿي ۽ نام سمرن جي رس ۽ آنند جو اَنڀوُ ٿيو. ويدانت جي بلڪل چٽي سمجهاڻي، اسان کي چاوڙيءَ جي سماروهه وقت ملي. اُهو سماروهه جو جلسو اهڙو ته دل لڀائيندڙ هو، جو اڃا به اَکين اڳيان پيو ڦري. باباڄن هڪ رات مسجد ۾ ۽ ٻي رات چاوڙي ۾ آرام ڪندا هئا.

مسجد ۾ آرام واريءَ رات جو، سڀ پريمي ڀڳت اچي ڪٺا ٿيندا هئا ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀڄن پيو هلندو هو! مسجد ۾ هڪ طرف سينگاريل رٿ رکيل هوندو هو ۽ ٻئي طرف "تلسي ورنداون" جو نظارو سجايل هو. ڀڄن جا رسيلا ڀڄنيڪ، ڪي ڪرتال، ڪي ڪنجهوُن ڪي چپليوُن، مردنگ، ڪنجريون، ڍول وغيره جا ساز کڻي، سيا جي مدبپ ۾ ويهي ڪيرتن آرتيه ڪندا هئا. پر سيني ڀڄنيڪن ۽ پريمي ڀڳتن کي ڇڪيندڙ هڪ ٿي باباڄن جي شخصيت هئي.

وت ڀِڇيندو هو ته سڀ مرد زالون خوشيءَ ۾ جهومندا نعوا هڻندا هئا. ڪنهن وقت ڀِڇي باباجن چاوڙيءَ جي سامهون تي بيهندا هئا ۽ سندن مک اِيرندڙ سج جهڙي لعل سوڀيا ڏيندو هو.

چاوڙي جي خاص سماروهه جي موقعي تي، ماڻهن جي هيڪاري ڀيهه وڌندي هئي ۽ سرگس ۾ آيل ماڻهن جي آنند جو پاراوار ڪونه هو. باجن وارا سرگس جي اڳيان خوب باجا وڄائيندا رهيا ۽ جڏهن باباجن پنهنجو ساڄو هٿ، هيٺ مٿي ڀاجن سان گڏ هلايو ته هنن زور سان ٻين باجا وڄايا. پوءِ ڪاڪا صاحب ڊيڪشت چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ گل ۽ گلال رکي، بابا جي سمک اچي، مٿن پشپن ۽ گلال جي ورکا ڪئي ته بابا جو سندر مکهن لعل رنگ سان وڌيڪ ڀڪڻ لڳو ۽ سڀني جيءَ جيءَ جي ڌنيءَ سان آسمان مٿي کڻي ڏنو.

پوءِ جي لهر ۾ اچي يڳيت مهالساپتي مڌر ناچ ڪرڻ لڳو. هٿ ۾ شمعدان کڻي، ٽاتيا پاٽيل باباجن جي کابي پاسي ۽ مهالساپتي ساڄي پاسي کان نچندا رهيا، ته سرگس جي سوڀيا اڳي کان سوائي تي، جسا سڀني کلي تيل ماڻهن ڏسي، خوب تاڙيون وڄائي واهه واهه ڪئي. مطلب ته وايو منڊل ۾ آنند جون لهرون پئي لڳيون. پوءِ باباجن سڀني ڏانهن نظر دوڙائي، مشڪي چاوڙيءَ ۾ اندر گهڙيا، جتي طرح طرح جسا

ڪئي ۽ باباجن مات ميت ۾ سويڪار ڪئي.

آخر ۾ منگلا چار جا گيت ڳايا ويا ۽ آرتي ڪئي ويئي. آرتي سماپت ٿيڻ بعد ساري آيل سنگت، ٻوڻام ڪري هلندي رهي. اُن ڪانپوءِ، تاتيا پاٽيل وري ـــ بابا کي چلم ڇڪڻ لاءِ ڏني، گلاب جو پاڻي ڇڻڪاري ۽ عطر وغيره لڳائي موڪلايو تـــ بابا چيو "تـاتيا، منهنجي ديک ڀال چڱي طرح ڪجانءِ. هينئر ڀلي وڃ ۽ رات جو ڪنهن ڪنهن وقت اچي نظر ڪري وڃجانءِ." تاتيا هٿ جوڙي، ست وچن چئي، موڪلائي پنهنجي گهر ويو. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ بابا خود چادرون وڇائي اُنهن تي وشرام ڪيو.

پاٺڪن کي وني آهي، تہ سمجهڻ مهل ھو بہ متئين نظاري جو تصور ڪري، پوءِ بستري تي سمهن تہ کين فرحتي ننڊ ايندي.